SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2017

# SINDH ACT NO.VII OF 2017

# سنڌ جسماني سزا تي پابندي ايڪٽ، 2016

# THE SINDH PROHIBITION OF CORPORAL PUNISHMENT ACT, 2016

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌ ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

2. وصفون
Definitions

3. جسماني سزا تي پابندي
Prohibition of corporal punishment

4. ڏنڊ
Penalties

5. جسماني سزا جي ڪيسن ۾ شڪايت جو طريقيڪار
Complaint procedure to the cases of corporal punishment

6. هن ايڪٽ جي گنجائشن جو نجي ادارن تي نفاذ
Enforcement of the provisions of this Act to private institutions

7. هي ايڪٽ ٻين سمورن قانونن تي منسوخ ڪندو
This Act to override other laws

8. قاعدا
Rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2017
# SINDH ACT NO.VII OF 2017
## سنڌ جسماني سزا تي پابندي ايڪٽ، 2016
## THE SINDH PROHIBITION OF CORPORAL PUNISHMENT ACT, 2016

[22 مارچ 2017]

ايڪٽ جنهن ذريعي ٻارن خلاف جسماني سزا جي پابندي لاءِ گنجائشون جوڙيون وينديون.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ آئين هڪ فرد جي حرمت جي احترام کي بنيادي حق تسليم ڪري ٿو.

۽ جيئن تہ ڪنهن شخص ٻارن ڪم واري جاءِ تي، هر قسم جي تعليمي ادارن بشمول فارمل، نان فارمل ۽ مذهبي ٻنهي پبلڪ ۽ پرائيويٽ ۾، ٻارن جي تحفظ جي ادارن ۾ بشمول متبادل سارسنڀال، بحالي مرڪزن ۽ ٻين متبادل ڪيئر سيٽنگز ٻنهي پبلڪ ۽ پرائيويٽ ۾، ۽ طفلانہ عدالتي نظام ۾ ٻارن تي جسماني سزا خلاف گنجائشون جوڙڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ اهو پاڪستان سرڪار تي واجب آهي تہ مختلف عالمي ڪنوينشنز، ڪنوينٽس ۽ انسٽرومينٽس تحت هر قسم جي جسماني سزا تي پابندي لاءِ گنجائشون جوڙي.

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان، واڌ ۽ شروعات
Short title,

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ ٻارن تي سزا تي پابندي ايڪٽ، 2016 سڏيو ويندو.

(2) ان جي سڄي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

extent and commencement

(3)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون

Definitions

2.(1)هن ايڪٽ ۾ جيستائين مفهوم ڪجهه ٻي گهر ڪري:

(a) "سار سنڀال جا ادارا" مطلب هڪ تعليمي ادارو، يتيم خانو يا هڪ تحفظ جو هنڌ جنهن ۾ هڪ يا وڌيڪ ٻار متبادل سار سنڀال يا فوسٽر ڪيئر فراهم ڪرڻ لاءِ رهايا ويا هجن، ان ۾ شامل ٿي سگهي ٿو هڪ ٻارن جو گهر، بحاليءَ جو مرڪز يا اجهو پوءِ اهو مستقل بنيادن تي هجي يا عارضي بنيادن تي اهو پبلڪ هجي يا پرائيويٽ، رجسٽرڊ هجي يا اڻ رجسٽرڊ؛

(b) "ٻار" مطلب ارڙهن سالن کان گهٽ عمر جو ڪو فرد؛

(c) "جسماني" يا "طبي" سزا مطلب ڪو سزا جنهن ۾ طبي قوت استعمال ڪئي وڃي ۽ ڪنهن حد تائين تڪليف يا ڏکيائي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، پوءِ اها ڪيتري به گهٽ هجي، جنهن ۾ ٿي سگهي ٿي مارڪٽ ("رانپوتا پائڻ"، "چماٽ هڻڻ" "گهلڻ") ڪنهن ٻار کي، هٿ سان يا ڪنهن اوزار سان (ڪوڙي سان، لڪڻ سان، بيلٽ، پادر، ڏوئي وغيره سان) بشمول لتون هڻڻ، لوڏا ڏيڻ يا ٻار کي اڇلائڻ، رهڙون ڏيڻ، مڪون هڻڻ، چڪ پائڻ، وارن کان ڇڪڻ يا ڪن پٽڻ، ٻار کي غير آرامده حالت ڏانهن مجبور ڪرڻ، ساڙڻ، اسڪالڊنگ، زبردستي ڪجهه کارائڻ (جهڙوڪ، ٻار جو وات صابڻ سان ڌوئڻ يا گرم مصالحا کائڻ لاءِ زور پرڻ)، بشمول ذهني دٻاءَ يا ڪنهن ٻئي قسم جي سزا جي پر اهو محدود نه هجڻ گهرجي:

(i) "حملو" جيئن پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 351 ۾ بيان ڪيل آهي (1860 جو ايڪٽ XLV) ان ڪانپوءِ هن دفعه جو حوالو ڏنل آهي "ڄاڻايل ڪوڊ طور"؛

(iiِ)"تڪليف" جيئن ڇاڙايل ڪوڊ جي دفعه 332 ۾ بيان ڪيل آهي؛

(iii)"ڪرمنل فورس" جيئن ڇاڙايل ڪوڊ جي دفعه 350 ۾ بيان ڪيل آهي؛

(iv)ٻيا غير طبي طريقا تشدد جا جيڪي توهين آميز ۽ ڪريل آهن، جهڙوڪ، سزا جيڪا ٻين کي گهٽ ڪرڻ بي عزتي ڪرڻ بدنام ڪرڻ، فرضي قصوروار، مجبور ڪري، ڌمڪائي، ڊيڄاري يا ٻار لاءِ تذليل جوڳا هجن؛

(d)"تعليمي ادارو" مطلب ڪو ادارو جتي فارمل يا نان فارمل طريقي ڪنهن قسم جي هدايت ڏني ويندي هجي، پوءِ اهو فل ٽائيم لاءِ هجي يا پارٽ ٽائيم بنيادن تي، بشمول بورڊنگ هائوسز جي، ٻنهي قسم جي پبلڪ ۽ پرائيويٽ، رجسٽرڊ يا اڻ رجسٽرڊ؛

(e)"ڪم جي جاءِ" مطلب ڪم جو هنڌ يا احاطو جتي ڪا تنظيم يا سرمائيدار ڪم ڪري ٿو ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪا عمارت، فيڪٽري، دڪان، ڪمرشل اسٽيبلشمينٽ، ورڪشاپ، فارم، رهائشي هوٽل يا ريسٽورنٽ، ڪليل جڳهه يا هڪ وڏي جاگرافيائي ايراضي جتي تنظيم يا سرمائيدار جون جون سرگرميون هلندڙ هجن ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪا حالت جيڪا آفيس کان ٻاهر آفيشل ورڪ يا آفيشل سرگرمي سان جڙيل هجي.

(2)"لفظ ۽ اظهار" استعمال ڪيا ويا هجن پر تفصيل نه ٻڌايو هجن انهن کي اها معنيٰ هوندي جيڪا لاڳاپيل قانونن ۾ ڏنل آهي.

3.(1)ٻار کي ان جي شخصيت ۽ انفراديت جو احترام ڪرڻ | جسماني تشدد تي

جو حق حاصل آهي ۽ ان تي ڪو جسماني تشدد يا ٻي ڪا تذليل يا گهٽ ورتاءُ نہ ڪيو ويندو.

**پابندي**
**Prohibition of corporal punishment**

(2)جيستائين پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 جي دفعہ 89 ۾ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون يا قاعدي جي متضاد نہ هجي، ڪنهن شخص پاران ڪم جي هنڌن، اسڪولن ۾ ٻين تعليمي ادارن بشمول فارمل، نان فارمل، ۽ بشمول متبادل سارسنڀال، بحالي مرڪزن ۾ ڪن ٻين متبادل ڪيئر سيٽنگز ٻنهي پبلڪ ۽ پرائيويٽ، ۾ طفلانہ عدالتي نظام ۾ ٻارن تي هر قسم جو جسماني تشدد منع ٿيل آهي.

(3)ٻار بابت ڊسيپلينري اپاءَ صرف ان صورت ۾ وٺي سگهجن ٿا جيڪي ٻار جي مان مطابق ۾ جسماني تشدد يا سزا جيڪا ٻارن جي طبي ۽ ذهني اوسر سان لاڳاپيل هجي يا جيڪا ٻار جي جذباتي ڪيفيت ڪي متاثر ڪندي هجي ان خلاف ڊسيپلينري اپاءَ وٺي سگهجن ٿا.

**ڏنڊ**
**Penalties**

4.(1) جيڪو بہ هن ايڪٽ جي دفعہ 3 جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندو اهو پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 ۾ ٻين لاڳاپيل قانونن ۾ ڄاڻايل اهڙن ڏوهن لاءِ بيان ڪيل سزا جو مستحق هوندو.

(2)ان سان گڏ، هيٺيان ننڍا ۽ وڏا ڏنڊ انهن ماڻهن تي لاڳو ٿيندا جيڪي هن ايڪٽ جي دفعہ 3 جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندا، تعليمي، سار سنڀال وارن ۾ پينل ادارن ۾ ٻين متبادل ڪيئر سيٽنگز ۾ جهڙوڪ:

(a)مائينر پينلٽيز:

(i)چنڊ پٽڻ؛

(ii)مخصوص مدي لاءِ امداد، ترقي يا انڪريمينٽ، سواءِ

قاعدن مطابق عهدي سان لاڳاپيل حڪمن تحت ترقي يا مالي واڌاري لاءِ موزون نہ هئڻ جي؛
(iii) ترقيءَ کان روڪڻ، مخصوص وقت لاءِ، ٽائيم اسڪيل ۾ افيشنسي بار تي، سواءِ اهڙي پابندي ڪراس ڪرڻ لاءِ غير موزون هئڻ جي؛ ۽
(iv) حڪومت کي ڪنهن لاپرواهي يا حڪمن تي پيچڪڙي تي ٿيل ڪنهن سموري نقصان يا نقصان جي ڪجهہ حصي جي واپسي؛
(b) ميجر پينلٽيز:
(i) لوئر پوسٽ يا ٽائيم اسڪيل تي تنزلي، يا ٽائيم اسڪيل تي لوئر اسٽيج ٽائين تنزلي؛
(ii) لازمي رٽائرمينٽ؛
(iii) نوڪريءَ مان برطرفي؛ ۽
(iv) ملازمت تان هٽائڻ.
(3) نوڪريءَ مان برطرفي نہ پر نوڪريءَ تان هٽائڻ مستقبل ۾ ملازمت لاءِ نااهل ڪري ڇڏي ٿي.
(4) هن دفعہ ۾ نوڪريءَ تان برطرفي يا هٽائڻ ۾ ڪنهن شخص جي ڊسچارج شامل نہ آهي-
(a) امتحان تحت مقرري، امتحان جي عرصي دوران، يا ان تي لاڳو تحقيق يا تربيت جي قانونن موجب؛ يا
(b) مقرر ڪيو ويو هجي، سواءِ ڪانٽريڪٽ جي، عارضي مقرري رکڻ لاءِ، مقرريءَ جو عرصو ختم ٿيڻ تي؛ يا
(c) ڪانٽريڪٽ جي شرطن موجب ڪانٽريڪٽ تي هجڻ.

| | |
|---|---|
| 5. صوبائي حڪومت ہين لائين ڪاٽن جي سهڪار سان ڪنهن ٻار يا ڪنهن ٻئي شخص طرفان جسماني سزا جي | جسماني تشدد جي ڪيسن ۾ شڪايت |

مخصوص شڪايتن تي شڪايت جو طريقيڪار بيان ڪري سگهي ٿي.

جو طريقيڪار
Complaint procedure to the cases of corporal punishment

**هن ايڪٽ جي گنجائشن جو نجي ادارن تي نفاذ**
**Enforcement of the provisions of this Act to private institutions**

6.(1)صوبائي حڪومت نجي ادارن پوءِ اهي رجسٽرڊ هجن يا اڻ رجسٽرڊ جيڪو بيان ڪيل هوندو، انهن ۾ ايڪٽ جي لاڳو ڪرڻ ۽ نظرداري لاءِ جامع نظام جوڙي سگهي ٿي.

(2)سمورا نجي ادارا جسماني سزا ڪي منهن ڏيڻ لاءِ شڪايتي نظام جوڙيندا.

(3)رجسٽريشن جي وقت نجي ادارن کي لکت ۾ حلف نامو جمع ڪرائڻو پوندو ته اهي ايڪٽ ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن جي لائين ۾ شڪايتي نظام جوڙڻ لاءِ ذميوار هوندا ته جيئن جسماني سزا جي شڪايتن تي قدم کڻي سگهجي، جنهن ۾ ناڪامي تي انهن جي رجسٽريشن رد ڪئي ويندي. حلف نامي جو طريقيڪار بيان ڪيو ويندو.

(4)نجي اداري جي صورت ۾ ايڪٽ جي گنجائشن تحت ڪارپورل جي شڪايت اختياريءَ سامهون، جيڪا بيان ڪئي وئي هجي، فائيل ڪري سگهجي ٿي.

**هي ايڪٽ ٻين سمورن قانونن تي اوور رائيڊ ڪندو**
**This Act to override other**

7.هن ايڪٽ جون گنجائشون وقتي طور لاڳو سمورن ٻين قانونن کي منسوخ ڪنديون.

| | |
|---|---|
| laws | |
| قائدا Rules | 8.(1)صوبائي حڪومت هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان ڇهه مهينن جي وقت دوران آفيشل نوٽيفڪيشن ذريعي ايڪٽ تحت قاعدا بيان ڪري سگهي ٿي.<br>(2)صوبائي حڪومت لاڳاپيل تعليمي ڪوڊ ۽ استادن لاءِ ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ ۽ لاڳاپيل قاعدن وغيره ۾ ترميم ڪري سگهي ٿي، تہ جيئن ڪم جي جاءِ تي ٻارن خلاف جسماني سزا تي پابندي لڳائي سگهجي، ۽ سمورن تعليمي ادارن بشمول فارمل، نان فارمل ۽ مذهبي، ٻنهي پبلڪ ۽ پرائيويٽ ۽ ٻارن جي سار سنڀال جي ادارن بشمول فوسٽر ڪيئر، بحاليءَ جي مرڪزن، ۽ ٻئي ڪنهن متبادل ڪيئر سيٽنگز، ٻنهي پبلڪ ۽ پرائيويٽ ۽ طفلانہ عدالتي نظام ۾ جسماني سزا تي پابندي لڳائي سگهجي. |
| | **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |